شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه و مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه جي ملفوظات جو تحريري گلدستو



# امير اهلِ سنت کان سائنس جي باري ۾ سوال جواب

سنڌي

- مديني ۾ راڌي ڄڻ جي ڇا حقيقت آهي؟
- آڊيو ڪيسٽ کان مدني چينل جو سفر؟
- رنگداري، ڇا سائنسي فائدا؟
- ڇا برسات جي بجلي ان گهر تي ڪرندي آهي جتي لائٽ آن هجي؟


پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ ڪان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افۡتَحۡ عَلَیۡنَا حِکۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَیۡنَا رَحۡمَتَكَ یَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِکۡرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي
پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **اميراهلِ سنت کان سائنس جي باري ۾ 10 سوال جواب**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ
۾ اُگتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي ملفوظات جو تحريري گلدستو

# اميراهلِ سنت کان سائنس جي باري ۾ 10 سوال جواب

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

اميراهلِ سنت کان سائنس جي باري ۾ 10 سوال جواب ........... 1
درود شريف جي فضيلت ................................ 1
اسلام مخالف سائنسي نظريا ڪچري جي ڍير ۾ ................. 3
آڊيو ڪيسٽ کان مدني چينل جو سفر ......................... 7
سوشل ميڊيا جي سبب ماهرن جي ڪوٽ ...................... 14
عوام تي سوشل ميڊيا جي يلغار .......................... 15

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اميراهلِ سنت کان سائنس جي باري ۾ 10 سوال جواب[1]

**دعاء خليفهء عطار:** ياربَّ المُصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو بنام ”اميراهلِ سنت کان سائنس جي باري ۾ 10 سوال جواب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي خلافِ شرع ڪمن کان بچاءِ ۽ ان جي والدين سميت بي حساب مغفرت فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت علامہ يوسف بن اسماعيل نبهاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ”سعادة الدارين“ ۾ هڪ روايت نقل ڪئي تہ حضرت ابوذر رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي (ٽن ڳالهين جي) وصيت فرمائي: اَنْ اُصَلِّيَهَا فِی السَّفَرِ وَ الْحَضَرِ يَعْنِیْ صَلَاةَ الضُّحٰی جو مان سفر ۽ حضر (قيام) ۾ چاشت جي نماز پڙهندو رهان، وَاَنْ لَّا اَنَامَ اِلَّا عَلٰی وِتْرٍ وَّ بِالصَّلَاةِ عَلَی النَّبِیِّ ۽ سمهڻ کان پهريان وتر ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهي سمهندو ڪيان. (سعادة الدارين، ص83)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**سوال:** تخليقِ انساني جي بابت ڊارون جي نظريي کي درست سمجهڻ ڪيئن آهي؟[2]

---

1 هي رسالو اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان ڪيل سوالن ۽ انهن جي جوابن تي مشتمل آهي.

2 هي سوال شعبي ملفوظاتِ اميراهلسنت جو ڪيل آهي ۽ جواب اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو عنايت ڪيل آهي.

جواب: ڪافي پراڻي ڳالھ آهي تہ منھنجو ڪنھن دنياوي پڙھيل لکيل سان واسطو پيو ھو. ڳالھين ئي ڳالھين ۾ خبر نہ آهي تہ ان ڇا سوچيو ۽ انسان جي پيدائش جي باري ۾ چوڻ لڳو تہ قرآن پاڪ انسان جي پيدائش جي باري ۾ فرمائي ٿو تہ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام مان انسان پيدا ٿيو ۽ انهيءَ مان انسان جي نسل جو سلسلو جاري ٿيو. جڏھن تہ ڊارون چوي ٿو تہ انسان ٻولڙي مان وجود ۾ آيو. ان هيستائين تہ جيڪو ڪجھ چيو سو چيو ان کان بعد ان ھي بَڪيو تہ”ڊارون جي ڪجھ ڪجھ ڳالھ سمجھ ۾ اچي ٿي.“ اهو ٻڌي ڪري مان بلڪل پريشان ٿي ويس جو ھن تہ پنھنجو ايمان برباد ڪري ڇڏيو آهي ڇاڪاڻ تہ ھن قرآن پاڪ تي شڪ ڪيو ۽ چيو تہ ” ڊارون جي ڪجھ ڪجھ ڳالھ سمجھ ۾ اچي ٿي.“ قرآن ڪريم جي پيٽ ۾ ڪنھن جي ٿوري بہ ڳالھ ڇو سمجھ ۾ اچي؟ اهڙي سمجھ کي باھ ڏيو اها ڪھڙي ڪم جي؟ بهرحال پوءِ مون موقعو ملندي ئي ان کي سمجھائي توبہ ڪرائي ۽ ڪلمو پڙھايو تہ اها ڳالھ تہ اسلام کان خارج ڪرڻ واري آهي.[1]

---

1... تفسيرصراط الجنان ۾ آهي: مسلمانن جو عقيدو آهي تہ انسانن جي ابتدا حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان ٿي ۽ انهيءَ ڪري پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي ابو البشر يعني انسانن جو پيءُ چيو وڃي ٿو، ۽ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کان انسانيت جي ابتدا ٿيڻ وڏي مضبوط دليل سان ثابت آهي. مثال طور دنيا جي مردم شماري مان معلوم ٿئي ٿو تہ اڄ کان سؤ سال اڳ دنيا ۾ ماڻھن جو تعداد اڄ جي پيٽ ۾ تمام گھٽ هو ۽ ان کان سؤ سال اڳ اڃا بہ گھٽ هو تہ ان ريت ماضي ڏانهن هلندي هلندي ان گھٽتائي جي انتها هڪ ذات قرار پائيندي ۽ اها ذات حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام آهي يا هيئن ڪٿي چئجي تہ قبيلن جو وڏو تعداد هڪ شخص ڏانهن وڃي ختم ٿئي ٿو، مثال طور دنيا ۾ ڪروڙين سيّد ملندا پر انهن جي انتها حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هڪ ذات تي ٿيندي، اهڙي طرح بني اسرائيل ڪيترا بہ گھڻا هجن پر انهن سڀني جي پڇاڙي حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَامجي هڪ ذات تي ٿيندي. هاڻي اهڙي طرح اڃا متي هلڻ شروع ڪيون تہ انسان جي

# اسلام مخالف سائنسي نظريا ڪچري جي ڍير ۾

قرآن پاڪ تي اکيون بند رکڻ گهرجن ڇاڪاڻ تہ قرآن پاڪ جيڪو ڪجهہ فرمايو آهي اهو ئي صحيح آهي، چاهي اسان جي سمجهہ ۾ اچي يا نہ اچي، اسان جو ايمان آهي تہ قرآن ۾ جيڪو آهي اهو صحيح آهي.

دنيا جي پڙهيل لکيل ماڻهن لاءِ هن طرح جا ڪيئي خطرا هوندا آهن جو هي ماڻهو پنهنجين تحريرن ۾ ڪيترائي اسلام مخالف سائنسي نظريا شامل ڪندا آهن. اڄڪلهہ اخبارن ۾ يا سوشل ميڊيا تي ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون اچي رهيون هونديون آهن جيڪي اسلامي نظرين سان ٽڪرائن ٿيون. ڪي ماڻهو تہ سرعام اسلام جي خلاف ڳالهائڻ شروع ڪن ٿا. اهڙن پڙهيل لکيل ماڻهن کي ڪير

---

پوري خاندان، قبيلن جي انتها هڪ ذات تي هوندي جنهن جو نالو سيني آسماني ڪتابن ۾ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام آهي ۽ اهو ممڪن ناهي تہ هو هڪ شخص پيدائش جي موجود طريقي سان پيدا ٿيو هجي يعني ماءُ پيءُ مان پيدا ٿيو هجي چو تہ جيڪڏهن ان جي لاءِ پيءُ فرض بہ ڪيو وڃي تہ ماءُ ڪٿان اچي ۽ وري جنهن کي پيءُ مڃيو اهو پاڻ ڪٿان آيو؟ ان ڪري ضروري آهي تہ ان جي پيدائش بغير ماءُ پيءُ جي هجي ۽ جڏهن ماءُ پيءُ جي بغير پيدا ٿيو تہ يقيناً هو هن طريقي سان جدا پيدا ٿيو ۽ اهو طريقو قرآن ٻڌايو تہ الله تعاليٰ کيس مٽيءَ مان پيدا ڪيو جيڪا انسان جي رهائش يعني دنيا جو بنيادي جز آهي. پوءِ اهو بہ ظاهر آهي تہ جڏهن هڪ انسان هن طرح وجود ۾ اچي ويو تہ ٻيو اهڙو وجود گهرجي جنهن مان انساني نسل جاري رهي سگهي تہ ٻئي کي بہ پيدا ڪيو ويو پر ٻئي کي پهريان وانگر مٽيءَ مان بغير ماءُ پيءُ جي پيدا ڪرڻ بجاءِ جيڪو هڪ شخص انساني موجود هو انهيءَ جي وجود مان پيدا فرمائي ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ هڪ شخص جي پيدائش سان نوع موجود ٿي چڪي هئي، سو ٻيو وجود پهرين وجود کان ڪجهہ هيٺ ۽ عام انساني وجود کان بلند طريقي تي پيدا ڪيو ويو، جو تہ حضرت حوا رضي الله عنها مرد ۽عورت واري باهمي ميلاپ مان پيدا نہ ٿيون، تنهن ڪري اهي اولاد نٿيون ٿي سگهن.

سمجهائڻ جي همت ڪري چوته هو زبان درازي تي لهي ايندا آهن، اهي ماٺهو اهڙي انداز ۾ ڳالهائيندا آهن جو سامهون وارو گهبرائجي وڃي تنهنڪري انهن کي سمجهائڻ به آسان ناهي هوندو. جيڪڏهن ڪو شخص اهل علم آهي ۽ سمجهائي سگهي ٿو ته انهن کي نرمي سان سمجهائي ۽ ڪانئن توبه ڪرڻ جي لاءِ چئي. جيڪڏهن هُو انهن سان سخت رويي کان پيش ايندو ۽ هن طرح چوندو ته” توهان جاهل آهيو“ دين جي ڳالهه ڪرڻ عالمن جو ڪم آهي“ ته ٿي سگهي ٿو ته هُو سمجهڻ جي بدران وڌيڪ بگڙي وڃن. هر ڪنهن وٽ ايترو علم ناهي هوندو جيڪو سمجهائي سگهي تنهنڪري جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ موضوع تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري نه ته اتان کان اٿي هليو وڃي. (ملفوظات امیر اہل سنت، 30/3)

سوال: مديني جي ويجهو هڪ وادي جِن آهي ان جي ڇا حقيقت آهي؟

جواب: (امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهمُ الْعَالِيه جي پرسان وينل مفتي صاحب فرمايو:) وادي جِن جو ته مدينهءِ منوره جي ويجهو آهي انڪري اها هڪ مقدس جڳهه آهي، پر هن وادي ۾ هيناهين جي باوجود شين جو پاڻمرادو متي وڃڻ يا مديني شريف ڏانهن وڃڻ ڪنهن سائنسي سبب جي ڪري آهي. دنيا ۾ اهڙيون ٻيون به ڪوڙ جڳهيون آهن جن ۾ ڪشش جي ڪري هيناهين جي باوجود شيون پاڻمرادو متي وڃن ٿيون. هن آبادي جي باري ۾ اهو مشهور آهي ته هتي جنّ رهن ٿا جيڪي شين کي مديني پاڪ جي طرف هڪلين ٿا، پر ان جي  ڪا سچائي نه ڪتي پڙهي آهي ۽ نه ئي ڪنهن معتبر ذريعي سان ٻُڌي آهي.

(امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهمُ الْعَالِيه فرمايو:) Magnet يعني مقناطيس قطب تاري جي طرف ويندو آهي، ان جي باري ۾ اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتاويٰ رضويه شريف ۾ لکيو آهي ته اڄ تائين سائنس ان حقيقت جو راز معلوم نه ڪري سگهي آهي ته مقناطيس قطب تاري جي طرف ڇو ويندو آهي؟ (فتاویٰ رضويه، 296/29) هاڻي ڇا ائين چئجي ته قطب تاري تي به ڪو وڏو جن وينو هوندو جيڪو مقناطيس کي ڇڪي وٺندو هوندو! البت اهڙي قسم جون شيون جيڪي سمجھ ۾ نٿيون اچن يا عقل کان ٻاهر هونديون آهن ماڻهو انهن کي جنن ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيندا آهن ته هُو ائين ڪري رهيا آهن. جنن جي وجود جو انڪار ناهي، هي حقيقت ۾ موجود آهن ايستائين جو مڪي شريف ۾ مسجدِ جنّ به آهي، ڇوته هن جاءِ تي ڪجھ جنن نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هٿ تي ايمان آندو هو، انهيءَ ڪري جنن جي مسجد اڄ به سندن يادگار طور موجود آهي جيڪا جنت المعليٰ جي پرسان واقع آهي. ( اخبار مكة للازرقی،201/2، عاشقان رسول کی 130 حکایات، ص 229 ) بهرحال جنن جو وجود يقيني آهي پر هن جو مطلب اهو هرگز ناهي ته جيڪو به عقل جي خلاف ڪم هوندو اهي جن ئي ڪري رهيا هوندا بلڪ ان جا ٻيا به ڪوڙ سبب ٿي سگهن ٿا. (ملفوظات امير اہل سنت، 101/4)

سوال: هر انسان اهو ئي چاهي ٿو ته نئين شيءِ هجڻ گهرجي، نئين ماڊل جي گاڏي، نئين ماڊل جي موبائل فون هجي ۽ لائف اسٽائل به ماڊرن ۽ جديد هجڻ گهرجي. منهنجي اوهان جي بارگاھ ۾ گذارش آهي ته ڇا واقعي جديد دور سان تبديل ٿيڻ صحيح آهي؟ پڻ ڇا انسان کي

وقت سان ڳڻوڳڻ پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪندو رهڻ گهرجي يا پنهنجي مزاج ۾ هر طرح سان هڪ جاءِ تي قائم رهڻ گهرجي.؟

جواب: جيتريقدر شرعي احڪامن جو تعلق آهي، انهن کي ضرور سامهون رکيو ويندو، هر اها تبديلي جيڪا اسلام کان نٿي ٽڪرائي اها قبول ڪئي ويندي ۽ جيڪا تبديلي اسلام کان ٽڪرائيندي اها ردّ ڪئي ويندي، چوته الله پاڪ جا قانون ته اٽل آهن:﴿لَا تَبْدِيْلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ﴾ (پ11، يونس:64) ترجموڪنزالعرفان: ”الله جون ڳالهيون بدلجي نٿيون سگهن.“ نماز فرض آهي هاڻي ڪنهن نئين سائنسي ٽيڪنالوجي جي اچڻ سان نماز معاف توري ٿيندي. مثال طور نئين ٽيڪنالوجي اچي وجي ۽ چيو وجي ته امام صاحب مسجد ۾ نماز پڙهائيندا ۽ سڀ ماڻهو ان جي آواز تي پنهنجي گهرن ۾ نماز پڙهندا سو ايئن نٿو ٿي سگهي. نماز جي اقتدا جي لاءِ صفون مليل هجن ۽ جاءِ تبديل نه هجي وغِيره جيڪي به احڪام آهن اهي تبديل نه ٿيندا. اوهان ڊيجيٽل ڪيمرا سان تصوير ڪيڻ جو مثال ڏنو اهو به صحيح آهي، پر اُن ۾ به ضرورت ڏٺي ويندي ٻي صورت ۾ اُن ۾ به مسئلا آهن ته تصوير اها هجي جيڪا شريعت جي دائري ۾ هجي، ننگي تصوير نه هجي، پردي سان هجي ۽ اهڙي قسم جون جيڪي به احتياطون آهن اُهي سيئي ملحوظ رکڻيون پونديون. باقي رهيو اهو ته اسان پوئتي رهجي ويندا سين ۽ هُو اڳتي نڪري ويندا ته هي مشڪل آهي، اڳتي اهو ئي وڌندو جيڪو شريعت تي عمل ڪندو، مرڻ کان بعد پنهنجي قبر ۾ جنت جا باغ اهو ئي ماڻيندو ۽ جيڪو هرويرو دنيا وارن سان ڊوڙ لڳائيندو رهندو جيئن لبرل دنيا جي پنيان ڊوڙندو رهندو آهي، جڏهن ان کي موت ايندي ته اهو قبر ۾ ڦاسي پوندو ۽ ان کي ڪا خبر به نه

پوندي. مطلب تہ جيڪو پياري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نقش قدم تي هلندو رهندو ان جي قبر جنت جو باغ بڻجي ويندي جيتوڻيڪ جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي ترقيون بہ ڪندو رهي، ڇوتہ جيڪا جديد ٽيڪنالوجي شريعت جي خلاف نہ هجي ان کي قبول ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

## آڊيو ڪيسٽ کان مدني چينل جو سفر

پهريان چينل جي دنيا عام نہ هئي، جڏهن چينل بڻجڻ جو سلسلو عام ٿيو تہ اسان بہ ”مدني چينل“ بڻايو جنهن سان اَلْحمدللهِ اسان دين جو فائدو ڪٽي رهيا آهيون. اهڙي طرح پهريان آڊيو ڪيسٽ جو زمانو هيو جيڪا ٽيپ رڪارڊنگ ۾ هلندي هئي تہ هڪ عرصي تائين مان آڊيو ڪيسٽون ورهائيندو رهيس پوءِ هڪ وقت اهڙو آيو جو هند جا ڪجهہ اسلامي ڀائر پاڪستان آيل هئا، مون کين آڊيو ڪيسٽون تحفي ۾ ڏنيون تہ هُو مون کي غور سان ڏسڻ لڳا، همت ڪري چيائون تہ اسان وٽ ٽيپ رڪارڊر ناهي، مون چيو اڇا، پوءِ مون کي سمجهہ اچي وئي تہ هي ٽيڪنالوجي ختم ٿي وئي آهي. پوءِ ويڊيو ڪيسٽ يعني VCD جو دور آيو پوءِ ان جو دور بہ ختم ٿي ويو. ان کان بعد ميموري ڪارڊ جو دور آيو، هاڻي ايندڙ زماني ۾ خبر ناهي ڇا ڇا ايندو! المختصر اهو تہ اسان جديد ٽيڪنالوجي سان هلي رهيا آهيون، اهو ئي سبب آهي جو اسان آڊيو ڪيسٽون ئي ناهڻ جي ضد نہ ڪئي، جيڪڏهن آڊيو ڪيسٽون بڻايون بہ تہ وٺندو ڪير؟ ڪو مفت ۾ بہ نہ وٺندو ڇوتہ اهي ڪنهن جي ڪم نہ ايندي‌ون، تنهنڪري اهڙي ٽيڪنالوجي جيڪا شريعت کان نہ ٽڪرائيندي هجي اها اسان کي قبول آهي. (ملفوظات امير اہل سنت، 281/6)

**سوال:** معذرت سان اهو چوڻو ٿو پئي تہ ڪجھ ماڻهن جو اهو ذهن ٺٽيل هوندو آهي تہ پنهنجو پاڻ کي تبديل ناهن ڪري سگهندا ۽ هُو پراڻي حالت تي رهڻ پسند ڪندا آهن. پوءِ سسٽم ان کي ٿوري دير جي لاءِ برداشت ڪندو آهي ۽ آخرڪار انهن کي الڳ ڪرڻو پئجي ويندو آهي. امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي بارگاه ۾ عرض آهي تہ اسان جي زندگي ۾ اهڙي قسم جا ماڻهو ملن، چاهي اهي والدين هجن يا ملازم جيڪي پاڻ کي تبديل ئي نہ ڪرڻ چاهيندا هجن تہ ڇا اسان کي انهن کي سسٽم کان الڳ ڪرڻ گهرجي يا انهن کي بہ سسٽم ۾ رکڻ گهرجي..؟

**جواب:** اسان کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت پيش چو ايندي آهي، اُن سلسلي ۾ هڪ اصول ياد رکو تہ ”عوام جي نفرت کان بچڻ گهرجي“ لهٰذا هن صورت ۾ بعض اوقات مستحب کي بہ ڇڏڻو پوندو آهي بلڪ بعض اهڙيون سنتون آهن جن تي هاڻي عمل نٿو ٿي سگهي مثلاً پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪثر طور ٻن چادرن ۾ ملبوس هوندا هئا. هاڻي جيڪڏهن ڪو شخص 2 چادرون پائي گهمندو تہ اهو ماڻهن جي سمجھ ۾ نہ ايندو. فتاويٰ رضويہ ۾ عمامي شريف جو شملو رکڻ ۽ نہ رکڻ جي مثال بہ ڏني وئي آهي.[1] ”ايئن ئي سرڪار صَلَّى

---

[1] (عمامي جو شملو رکڻ يقيناً سُنت آهي پر جتي جاهل ماڻهو ان جو مذاق اڏائن اُتي متاخرين عالمن نماز کان علاوه ان کان بچڻ اختيار فرمايو آهي. جنهن جو مقصد عوام جي دين جي حفاظت آهي. شيخ مُحقق مولانا عبدالحَق مُحَدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رسالي ”آدابِ لباس“ ۾ فرمائن ٿا: فقهاءِ ڪرام وٽ شملو رکڻ تي ڪيترائي دليل موجود آهن ۽ هُو ان کي سُنّتِ موڪده سمجهندا آهن پر متاخرين

الله عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم هميشہ تهبند(گوڏ) استعمال ڪئي ۽ ان کي هميشہ اڌ پيڏي تائين رکيو.“ (الشمائل المحمدية، ص85، حديث: 114) پاجامو جنهن کي سرڪار عالي وقار صَلَّى الله عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم پسند ڪيو آهي پر پاتو ناهي پوءِ بہ پاجامو پائڻ سنت آهي چوتہ هي قولي سُنت مان ثابت آهي.[1] هاڻي شلوار کي اڌ پني کان مٿي رکڻ کي اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه عزيمت قرار ڏنو آهي تہ جيڪر هن دور ۾ شلوار کي اڌ پني تائين مٿي رکيو وڃي تہ ماڻهو مذاق بڻائيندا. جڏهن شلوار کي پيڏين کان مٿي رکڻ ۾ سُنّت ادا ٿي رهي آهي تہ پوءِ انهيءَ کي اپنايو وڃي. (فتاویٰ رضويہ، 22/158- 162 ملتقطا) وقت جي حساب سان ڪجهہ صورتن ۾ ايئن ٿيندو آهي مثلاً ڏاڙهي رکڻ کي بہ نَعوذُ باالله! ماڻهو عيب سمجهندا آهن پر ڏاڙهي تہ رکڻي پوندي. جيڪڏهن ڪو چئي تہ ڏاڙهي کان ماڻهو نفرت ڪن ٿا، ماڻهن ۾ نفرت پيدا ٿي رهي آهي، انهيءَ ڪري ڏاڙهي نہ رکو تہ ايئن نہ ٿيندو چوتہ ڏاڙهي رکڻ جو حڪم موجود آهي ۽ اسان شريعت جي حڪم جا پابند آهيون. البتہ جتي رعايت هوندي، اُتي رعايت قبول ڪري سگهون ٿا ۽ جتي ڪا رعايت ناهي تہ دنيا هيڏانهن کان هوڏانهن ٿي وڃي اسان رعايت قبول نہ ڪنداسين، جيڪڏهن ڪنهن مسئلي تي رعايت نہ هئي ۽ پنهنجي بڻايل مجبوري جي ڪري اُن ڪم کي ڇڏڻو بہ پيو تہ اسان

---

عالم سڳورن موجوده دور جي جاهلن جي مذاق اڏائڻ جي ڪري پنج وقت نماز کان علاوه شملو نہ رکڻ جي اجازت ڏني آهي. (فتاویٰ رضويہ، 12/314)

[1] (حديث شريف ۾ آهي: رسول الله صَلَّى الله عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: پاجامو پايو ۽ تهبند ٻڌو ۽ يهودين ۽ نصرانين جي مخالفت ڪيو ۽ مڇون ڪترايو ۽ ڏاڙهيون وڌايو، يهودين ۽ نصرانين جي خلاف ڪيو (مسند امام احمد، 8/300 حديث:22346))

ان کي غلط ٿي چونداسين. ۽ جيڪڏهن ڪنهن عمل کي ترڪ ڪرڻ ۾ گناهه جي صورت هجي ته ان کي ترڪ ڪرڻ تي گناهه به ملندو جڏهن ته شرعي مجبوري هجي ته گناهه نه ملندو، مثال طور جيڪڏهن ڪنهن بندوق جي زور تي چيو: پنهنجي هٿ سان پنهنجي ڏاڙهي ڪوڙ نه ته مٿي ۾ گولي هڻي ڇڏيندس، جيڪڏهن هُو سمجهي ٿو ته هي مذاق نٿو ڪري حقيقت ۾ گولي هڻي ڇڏيندو ته هاڻي ان کي پنهنجي هٿ سان ڏاڙهي ڪوڙڻ جائز ٿي ويندو ۽ اُن کي گناهه به نه ٿيندو ڇوته هتي سندس قتل ٿيڻ جو خطرو موجود آهي، پر اهڙي قسم جا موقعا تمام گهٽ هوندا آهن. بهرحال اسان مسلمان آهيون ۽ الله پاڪ ۽ رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي احڪامن جا پابند آهيون، جتي شريعت طرفان رعايتون مليل آهن اُتي اسان قبول ڪنداسين ۽ جتي رعايتون ناهن مليل اُتي رعايتون نه ملڻ کي قبول ڪنداسين.

پراڻي انداز تي زندگي گذارڻ جي ضد ڪرڻ وارا تمام ٿورا آهن، مون ڪنهن کي پراڻي موبائل فون استعمال ڪرڻ تي ضد ڪندي ناهي ڏٺو. وڏي عُمر جا ماڻهو پراڻو موبائل استعمال ڪرڻ تي مجبور هوندا آهن جو انهن جي عُمر وڏيڪ هوندي آهي، جيڪڏهن هُو سمارٽ فون خريد ڪن به ته ان کي چا ڪندا، انهن کي ان جي سمجهه به ناهي پوندي ڇوته اسمارٽ موبائل فون هڪ نئي ٽيڪنالوجي آهي. جڏهن ته نوجوان پراڻو موبائل انهيءَ ڪري هلائي رهيا هوندا آهن جو اسمارٽ موبائل وٺڻ جي لاءِ انهن وٽ پيسا نه هوندا. جيڪڏهن ڪو شخص پائليٽ آهي، هوائي جهاز اڏائي ٿو، اوهان ان کي چوندا ته توهان گهوڙي سواري ڪيو، ته هُو ڪيئن گهوڙي سواري ڪندو، ان کي ته گهوڙو هلائڻ ئي نٿو اچي، انهي

ڪري پنهنجو پنهنجو فرق آهي ۽ مون هي مثال موبائل فون تي ڏني آهي. اهڙي طرح بعض اوقات ماڻهو پنهنجي رسم ۽ رواج تي بہ ضد ڪندا آهن تہ جيڪا رسم شريعت کان نٽي ٽڪرائي ان کي هلڻ ڏنو وڃي. بهرحال جديد ٽيڪنالوجي جتي اسان کي تمام گهڻو فائدو ڏنو آهي اتي غير معمولي نقصانَ بہ ڏنا آهن. (ملفوظات امير اهل سنت،283/6)

سوال: سائنسي اعتبار سان وڻڪاري جا ڪجھ فائدا ٻڌايو.؟[1]

جواب: سائنسي تحقيق جي مطابق بہ وڻڪاري(يعني وڻ لڳائڻ) جا وڏا فائدا آهن.

وڻ ۽ ٻوٽا ڪاربن ڊائي آڪسائيڊ وٺندا ۽ آڪسيجن فرام ڪندا آهن. آڪسيجن انساني زندگي جي لاءِ انتهائي ضروري آهي، ان جي بغير اِنسان زنده نٿو رهي سگهي. اللّٰه پاڪ وڻن ۽ ٻوٽن کي انسان جي خدمت جي لاءِ پيدا ڪيو آهي، هي اسان جي گندي هوا جذب ڪري پنهنجي پاڪيزه هوا فراهم ڪندا آهن. وڻ ۽ ٻوٽا گرمي جي درجهٔ حرارت کي وڌڻ ناهن ڏيندا ۽ گرمي کي روڪيندا آهن. فضائي آلودگي ۾ ڪمي ڪندا آهن، يعني جيڪي گاڏين جا دونهان ۽ مٽي اڏامندي آهي ٻوٽا ۽ وڻ ان ۾ گهٽتائي ڪندا آهن. جيڪڏهن وڻ ۽ ٻوٽن جي گهٽائي هجي تہ ماحول ٿڌو ۽ خوشگوار ٿي ويندو، بجلي جي بہ بچت ٿيندي ڇوتہ جيڪي آلات گرمي دور ڪرڻ جي لاءِ استعمال ٿيندا آهن ماحول جي ٿڌي ٿيڻ جي ڪري انهن جي ضرورت ۾ گهٽتائي اچي ويندي يا وري انهن کان بلڪل ئي ڇوٽڪارو ملي

[1] ... هي سوال شعبي ملفوظاتِ اميراهلسنت جو ڪيل آهي ۽ جواب اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو عنايت ڪيل آهي.

ويندو. جيڪڏهن توهان پنهنجي وطن عزيز کي وڻن ۽ ٻوٽن کان آراستہ ڪندا تہ ان شاءالله بجلي جي بہ بچت ٿيندي. وڻ لينڊ سلائڊنگ جي لاءِ بہ آڙ آهن ڇوتہ وڻ جون پاڙون زمين جي مٽي کي روڪي ڇڏينديون آهن جنهن جي ڪري زمينن جو ٽٽڻ يا لينڊ سلائڊنگ ناهي ٿيندي تنهنڪري جيڪڏهن وڻن جي حفاظت ڪئي وڃي ۽ انهن ۾ اضافو ڪيو وڃي تہ لينڊ سلائڊنگ کان بہ بچت جو سامان ٿي سگهي ٿو. وڻ ۽ ٻوٽا ”گلوبل وارمنگ“ ۾ بہ گهٽتائي جو سبب آهن. عالمي ماحول جي درجهءِ حرارت ۾ خطرناڪ واڌ کي ”گلوبل وارمنگ“ چيو ويندو آهي، جنهن جي ڪوڙ سارن سببن مان وڻن جي ڪٽائي، صنعتن جو تيزي سان قيام ۽ گاڏين مان نڪرندڙ دونهي جي تمام گهٽي مقدار شامل آهي.

سوال: جيئن سائنس اسان جي نماز جي وقتن ۾ اسان جي مدد ڪري ٿي ۽ اسان جتي بہ هجون اتي نماز جا وقت معلوم ڪري سگهون ٿا، ڇا اهڙي طرح اسان سائنس جي مدد سان سڄي سال جي چنڊ جو حساب لڳائي سگهون ٿا.؟

جواب: نماز جا اوقات ڄاڻڻ کي سائنسدانن جي کاتي ۾ نہ وڌو وڃي، ان جو تعلق علم توقيت سان آهي، جنهن تي وڏن وڏن عالمن ڪم ڪيو آهي، لهٰذا نماز جي اوقات جي ترڪيب سائنس سان نہ بلڪ عالمن جي رهنمائي سان ڪئي ويندي. علمِ توقيت هڪ علم آهي جيڪو مفتي جي لاءِ ضروري علوم مان آهي. جيتريقدر چنڊ جي حساب لڳائڻ جو تعلق آهي سو هي نہ ئي سائنسي تحقيق مان آهي نہ وري علم توقيت مان جو سڄي سال جو هڪ ئي وقت ۾ حساب لڳايو وڃي بلڪ ان جو تعلق رؤيت هلال(يعني چنڊ ڏسڻ) سان آهي.

شريعت جي ڪيترن ئي احڪامن جو تعلق چنڊ ڏسڻ تي آهي مثلاً رمضان المبارڪ جا روزا، مناسڪ حج، عيدالفطر ۽ عيدالاضحيٰ وغيره جو حساب چنڊ ڏسي ڪري ئي ڪيو ويندو آهي. ڪجهه توقيت دان هن معاملي ۾ پيشن گويون ڪندا آهن ته فلاڻي تاريخ تي چنڊ نظر ايندو ته انهن جي ان اڳڪٿين جو اعتبار ناهي بلڪ چنڊ نظر اچڻ جو اعتبار آهي، جڏهن شرعي ثبوت سان چنڊ نظر اچڻ ثابت ٿي ويو ته مهينو شروع ٿيڻ مڃيو ويندو.

سوال: وقت گذرڻ سان گڏ جتي تعليمي نظام ۾ ترقي آئي آهي، اُتي ٽيڪنالوجي به اسان جي سماج ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي آهي. نوجوان نسل خاص ڪري شاگرد هن نقصان جو گهڻو شڪار ٿيندي نظر اچن ٿا. براءِ ڪرام اها رهنمائي فرمائيندا جو هن جي استعمال ڪي ڪهڙي طرح مَحدُود ڪري سگهون ٿا؟

جواب: جديد ٽيڪنالوجي جو استعمال چڱو به آهي ۽ بُرو به آهي، پر اسان جي مُعاشري ۾ اُن جو سنو استعمال گهٽ ۽ بُرو استعمال وڌيڪ ٿي رهيو آهي. هاڻي جيئن مدني چينل ان جو چڱو استعمال ڪري رهيو آهي ۽ گناهن کان پرپل چينل ان کي بُرو استعمال ڪري رهيا آهن. انهيءَ ريت عوام ۾ ڪي ماڻهو ان جو سنو استعمال ڪري فائدو وٺي رهيا آهن ۽ ڪي ان جي ذريعي گناهه ڪمائي رهيا آهن. اسان عوام کي انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا کان پري ته نٿا ڪري سگهون، پر انهن کي اهڙي طريقي کان استعمال ڪرڻ جي ترغيب ضرور ڏئي سگهون ٿا جيڪو آخرت جي لاءِ فائديمند هجي، مثلاً مدني چينل يا دعوت اسلامي جي مجلس سوشل ميڊيا جي طرفان ويڊيو ڪلپ ايندا رهندا آهن، اوهان اهي ڏسو ۽ اڳتي

شيئر نہ ڪيو. اهڙي طرح مدني چينل نہ ڏسندا رهو هي بہ هڪ ٽيڪنالوجي آهي جيڪا اليڪٽرونڪ ميڊيا چورائيندي آهي. هي الڳ ڳالهہ آهي تہ نيٽ ۽ سوشل ميڊيا جي اچڻ کان بعد هاڻي چينلن جي طرف ماڻهن جو رجحان گهٽ ٿي ويو آهي. سوشل ميڊيا ۾ هاڻي ڪيئي شعبہ ٺهجي چڪا آهن ۽ وڏيڪ نوان نوان شعبا ٺهجي رهيا آهن. هنن ۾ بہ ڪجهہ پراڻيون شيون هاڻي پوئتي رهجنديون پيون وڃن ۽ "كُلُّ جَدِيۡدٍ لَذِيۡذٌ" يعني هر نئين شيءِ لذت واري هوندي آهي" جي تحت نئين شين ۾ مگن ٿي ماڻهو ڪٿان ڪان ڪٿي نڪري رهيا آهن.

## سوشل ميڊيا جي سبب ماهرن جي کوٽ

الله پاڪ ڪرم فرمائي نہ تہ جهڙي طرح هر ماڻهو انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا ۾ مصروف آهي اڳتي هلي اُمّت کي هر شعبي ۾ ماهرن جي کوٽ جو منهن ڏسڻو پئجي سگهي ٿو. سنا ڊاڪٽرز، سائنسدان، محقق، مفڪر، دانشور، سنا علماء ۽ مفتي سڀُورا اڳتي هلي شايد ملڻ بہ مشڪل ٿي وڃن، ان ڪري جو شاگردن جا سنا دماغ هاڻي سوشل ميڊيا جي مصروفيت ۾ ضايع ٿي رهيا آهن. عالمن ۽ مشائخن ۽ سندن طالبن ۽ مُريدن جي بہ هڪ وڏي تعداد هن ڪم ۾ رُڌل آهي. هاڻي نڪي پير صاحب وٽ وقت آهي جو مريدن جي اصلاح ڪري ۽ نڪي مُريدن وٽ ٽائم آهي جو پير صاحب جي بارگاهہ ۾ اچي فيض حاصل ڪن. ايئن ئي عالمن جي وڏي تعداد پنهنجو وقت سوشل ميڊيا ۾ صرف ڪري رهي آهي، حالانڪ عالم ۽ مُفتي سيني کي مُسلسل مطالعي جي ضرورت هوندي آهي، پر جيڪڏهن هي مطالعي

ڪان ٿورو بہ غافل ٿي وڃن تا تہ سندن علمي ڪمزوري ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويندي آهي، اهو ئي سبب آهي جو جيڪي چڱا ۽ پختا عالم ۽ مفتي سڳورا هوندا آهن اهي سوشل ميڊيا کي ٽائم ئي ناهن ڏيندا بلڪ هُو سوشل ميڊيا کان انڪري پاسو ڪندا آهن جو جيڪڏهن ان ۾ هٿ وِڌو تہ ڦِچيءَ ۾ پئجي ويندي. آگُر پڪڙائي تہ هٿ پڪڙي ونندي ۽ پوءِ علمي مصروفيتون جاري رکڻ ۾ مشڪل پيش ايندي.

## عوام تي سوشل ميڊيا جي يلغار

عوام ۾ بہ جيڪي سوشل ميڊيا تي مصروف رهن ٿا، انهن کي غور ڪرڻ گهرجي تہ ان جي ڪري نہ نماز ۾ دل لڳي ٿي، نہ تلاوت ۽ اوراد و وظائف جي لاءِ وقت ملي ٿو. ماڻهو مجبور ٿي نوڪري ڪرڻ تہ ويندا آهن پر ڪم جي دوران بہ سوشل ميڊيا تي لڳل هوندا آهن. ان جي ڪري حادثا بہ ٿيندا آهن جنهن سبب ماڻهن جون قيمتي جانيون ضايع ٿي وينديون آهن. جيڪي سيڪيورٽي گارڊ هوندا آهن اُهي بہ ڊيوٽي دوران سوشل ميڊيا تي لڳل هوندا آهن. ڊيوٽي جي دوران سيڪيورٽي اهلڪارن جو موبائل فون استعمال ڪرڻ جو رجحان مون هڪ ترقي يافتہ ملڪ ۾ بہ ڏٺو آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪيترن ئي ادارن ۾ ڊيوٽي دوران ملازمن کان موبائل وٺي جمع ڪيا ويندا آهن. بهرحال جيڪڏهن توهان ڪجهہ ٿيڻ چاهيو ٿا تہ هن سوشل ميڊيا ۽ انٽرنيٽ کان جان ڇڏائي پاڻ کي الله پاڪ جي عبادت

۾ مشغول ڪري ڇڏيو جيڪو اسان جو دنيا ۾ اچڻ جو اصل مقصد آهي. جيئن ته سيپاري 27 سورة الذّٰريات جي آيت نمبر 56 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمايو: **آيت**﴿ وَ مَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِیَعْبُدُوْنِ﴿۵۶﴾ ﴾ ترجمو ڪنزالايمان: ”۽ مون جن ۽ انسان اِن لاءِ پيدا ڪيا ته منهنجي عبادت ڪن.“ پر بدقسمتي سان هاڻي نماز پڙهڻ جو موقعو نتو ملي ۽ جڏهن نماز پڙهڻ جو موقعو ملندو آهي ته جسم نماز ۾ هوندو آهي ۽ دل ۽ دماغ سوشل ميڊيا ۾ لڳل هوندو آهي. مسجد ۾ داخل ٿيڻ کان بعد موبائل فون بند ناهي ڪئي ويندي، نماز جي دوران به فون جي گهنٽي وڄي رهي هوندي آهي جنهن سبب ماڻهن جي نماز ۾ رنڊڪ پيدا ٿي رهي هوندي آهي. ممڪن آهي ته ڪن هنڌن تي پوڙها جلال ۾ اچي ويندا هوندا ۽ پوءِ مسجد ۾ خوب گوڙ ٿيندو هوندو. الله پاڪ اسان جي حالت تي رحم فرمائي ته اسان سوشل ميڊيا جو استعمال 100 فيصد جائز طريقي سان ڪيون. ڪاش! اسان اهڙا بڻجي وڃون جو اسان جي طرفان نه ته الله پاڪ جي حقن ۾ گهٽتائي اچي نه ئي ٻانهن جي حق تلفي ٿي. الله پاڪ اسان کي هنن فضول ڪمن کان بچائي ڪري ديني ڪتابن جي مطالعي ۽ علم دين حاصل ڪرڻ ۾ لڳائي. اٰمِين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّن صلّى اللهُ عليه واٰلهٖ وسلّم (ملفوظات امير اہل سنت، 341/1)

**سوال:** ڇا سوشل ميڊيا جي استعمال جي لاءِ وقت مخصوص ڪري ان جي نقصانن کي گهٽائي سگهجي ٿو؟

جواب: سوشل ميڊيا جي لاءِ وقت مقرر ڪري گھٽي استعمال جي سبب ٿيڻ وارن نقصانن ۾ گھٽتائي آڻي سگھجي ٿي. سُلجهيل ۽ سمجهدار ماڻهو ايئن ڪندا ﺑﻪ آهن مثلاً عصر ۽ مغرب جي وچ ۾ يا عشاء جي نماز ڪان بعد يا جنهن ڪي جيڪو وقت ملندو هوندو ته هُو ٿوري دير جي لاءِ سوشل ميڊيا استعمال ڪري وٺندو هوندو، پر ايئن اُهي ئي ڪندا آهن جيڪي ديني ۽ دنياوي اعتبار سان گهڻو مصروف هوندا. عام ماڻهن لاءِ ايئن ڪرڻ مشڪل آهي ڇوته ڪين هر وقت بي چيني ٿيندي آهي ته ڏسون ته سهي ڪنهن جو ميسيج آيو آهي؟ هاڻي ڪو شخص نماز جي لاءِ پختي اِرادي سان هليو پر هڪدم موبائل فون جي گھنٽي وڳي ۽ ڪنهن جو آڊيو پيغام يا پوسٽ اچي وئي. هاڻي جيڪڏهن ڪنهن عام ماڻهو جو آهي ته صبر ڪري پوءِ ڏسندو پر جيڪڏهن خاص ماڻهو جو پيغام يا پوسٽ آهي ته هاڻي ان ڪي ضرور ڏسندو يا ان آڊيو پيغام ڪي ٻڌڻ ۾ لڳي ويندو ۽ ان دوران جماعت بلڪ بعض ماڻهن جون معاذاللّٰه نمازون ﺑﻪ قضا ٿي وينديون هونديون. (ملفوظات امير اہل سنت، 343/1)

سوال: چون ٿا: ”برسات جي ڪري جڏهن بجلي چمڪي ته اهڙي موقعي تي پنهنجي گھرن جون بتيون بند ڪري ڇڏڻ گھرجن، ڇوته هي بجلي ان گھر تي ڪرندي آهي جتي لائٽ ٻري رهي هوندي آهي“ ڇا اها ڳالهه صحيح آهي؟

جواب: اهو ڪٿي مون پڙهيو يا ٻڌو ناهي، جيڪڏهن اها ڳالهه قبول ڪئي وڃي ته ڏينهن ۾ ﺑﻪ بجلي چمڪندي آهي، پر ڪرندي ناهي! حالانڪ ڏينهن ۾ ته هرپاسي روشني ئي روشني هوندي آهي،

معلوم ٿيو ھي سائنسي مسئلو آھي نہ وري شرعي، البتہ ھي بجلي ڪڏھن ڪڏھن انسانن تي ڪِري پوندي ۽ نھايت خطرناڪ ثابت ٿيندي آھي، جوتہ ان جي سبب ڪيئي ماڻھو مري ويندا آھن. الله ڪريم اسان کي آزمائش کان محفوظ فرمائي. (ملفوظات امیر اہل سنت،7/447)

**سوال:** ڇا ڪنھن نبي عَلَيْهِ السَّلَام جي فيضان سان ڪو چشمو جاري ٿيو ھيو؟ پڻ چشمي جي پاڻي جا طبّي ۽ سائنسي فائدا ٻڌايو؟

**جواب:** بيشڪ! اسان جي پياري آقا صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ آڱرين مان چشما جاري ٿيا ھئا.[1]

انگلیاں ہیں فیض پر ٹوٹے ہیں پیاسے جھوم کر
ندیاں پنجابِ رحمت کی ہیں جاری واہ واہ

(حدائق بخشش،ص 134)

آبِ زم زم جيڪو اسان پيئندا آھيون ھي بہ چشمي جو پاڻي آھي جيڪو حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي قدمن جي رھڙڻ سان نڪتو. ( مراۃ المناجیح،153/8)

---


[1] ... حضرت سالم بن ابي جعد رَضِيَ اللهُ عَنْه حضرت جابر بن عبدالله رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت ڪن ٿا تہ حديبيہ جي ڏينھن ماڻھن کي اُڃ لڳي ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي سامھون چمڙي جي ھڪ گلي ھئي جنھن ۾ پاڻي موجود ھيو ۽ ان مان پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم وضو سَاري رھيا ھئا، صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان حضور پر نور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي چاروطرف حلقو ٺاھي بيھي رھيا تہ پاڻ سڀڱورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ڇا ڳالھ آھي؟ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسو الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم! اسان وٽ پاڻي ناھي جنھن سان اسان وضو ڪيون ۽ ان کي پي ڪري اُڃ لاھيون، صرف اھو ئي پاڻي آھي جيڪو اوھان جي سامھون موجود آھي. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم پنھنجو ھٿ مبارڪ اُن گليءَ ۾ رکيو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي آڱرين مان پاڻي چشمي جيان وھڻ لڳو، پوءِ اسان سيني پاڻي پيتو ۽ وضو بہ ڪيو. حضرت سالم بن جعد رَضِيَ اللهُ عَنْه حضرت جابر بن عبدالله رَضِيَ اللهُ عَنْه کان پڇيو: اوھان ان وقت ڪُل گھڻا ماڻھو ھئا؟ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمايو: جيڪڏھن اسان ھڪ لک ماڻھو ھجون ھا تہ بہ اھو پاڻي اسان جي لاءِ ڪافي ٿي وڃي ھا، پر اسان ان وقت 1500 ڄڻا ھئاسين. (بخاری،2/493- 494 ، حدیث:3576)

جيڪڏهن زمين مان يا جبل مان پاڻي ڦاٽي ڪري نڪرڻ لڳي ته ان کي چشمو چئبو آهي. چشمي جو پاڻي عام پاڻين کان مختلف هوندو آهي. انٽرنيٽ جي ذريعي جيڪا معلومات حاصل ٿي آهي اها هي آهي ❀ چشمي جو پاڻي قدرتي طور تي ٿڌو، فرحت بخش، صاف ۽ شفاف ۽ ذائقي ۾ تمام بهترين هوندو آهي ❀ ان ۾ قدرتي طور تي آڪسيجن جي بهترين مقدار هوندي آهي ❀ هي پاڻي وزن ۾ هلڪو هجڻ جي ڪري جلد هضم ٿي ويندو آهي بلڪ ❀ هاضمي جي نظام کي بهتر بڻائيندو ۽ موٽاپي جي امڪانن کي گهٽائيندو آهي
❀ چشمي جو پاڻي رت جي بهتر صفائي ڪندو آهي، پڻ ❀ ان ۾ معدنيات جي صحيح مقدار هوندي آهي، ❀ هن پاڻي، جو PH level وڌيڪ هوندو آهي، يعني هي پاڻي گهٽ تيزابيت وارو هوندو آهي ❀ اڄڪلهه ماڻهو هزارين روپيه خرچ ڪري هي، Alkaline water (يعني گهٽ تيزابيت وارو پاڻي) خريد ڪندا آهن، جڏهن ته قدرت اسان کي چشمي جي ذريعي اها نعمت مفت ۾ عطا فرمائي آهي ❀ هڪ تحقيق جي مطابق اهي ماڻهو جيڪي ڪنهن نشي ۾ مبتلا هوندا آهن، يا گهڻي چائي يا ڪافي پيئڻ جا عادي هوندا آهن انهن کي ڪجھ ڊاڪٽر چشمي جو پاڻي پيئڻ جو مشورو ڏيندا آهن، هن جي ذريعي انهن شين جي عادت ۾ گهڻي قدر گهٽتائي اچي سگهي ٿي ❀ چشمي جو پاڻي جِلد(يعنيSkin) جي لاءِ به بهترين هوندو آهي، جوته اهو صاف ۽ هلڪو هوندو آهي، ان سان جلد کي چڱي آلاڻ ملندي آهي جنهن سان اِلرجي ۽ خارش وغيره ۾ به گهٽتائي

ايندي آهي، پڻ ❀ هي پاڻي جلد جي اهڙي صفائي ڪندو آهي جيڪا عام پاڻي ناهي ڪري سگهندو ❀ چشمي جو پاڻي وارن جي لاءِ به مفيد هوندو آهي ڇوته هن ۾ لوڻ جي مقدار وڌيڪ ناهي هوندي، جڏهن ته لوڻ جي وڌيڪ مقدار وارن جي لاءِ نقصانده هوندي آهي.

(ملفوظات امير اہل سنت،10/ 49)

## ايندڙ هفتي جو رسالو





عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net